**سارسنڀال- ننڍن ڀيٽن ۽ ڀائرن جي سارسنڀال ڪرڻ ۾ مشڪلاتون ۽ معاشرتي اڻ برابري**

**PARENTAL PERMISSION DOCUMENT**

**Informed Consent form**

**Child ID:** | | | | | | | | | | |

| | |
|---|---|
| **Study Title:** RAISE: Raising younger siblings Adversity and Inequities: Sibling Engagement/Educators | **ERC Ref No:** |
| **Organization:** Aga Khan University | **Sponsor:** |
| **Principal Investigator:** Dr. Shelina Bhamani[1]<br>Dr. Asad Ali[2] | **Institute:** [1]Department of Obstetrics and Gynecology, Women & Child Health Division, Aga Khan University, Karachi, Pakistan.<br>[2]Department of Pediatrics and Child Health, Women & Child Health Division, Aga Khan University, Karachi, Pakistan. |
| **Locations:** Karachi, Hyderabad, Matiari, Pakistan | **Phone:** 021-3486 4955 |

Matiari Research & Training Centre

1. **تعارف** :

السلام عليڪم، منهنجو نالو____________ آهي آئون آغاخان يونيورسٽي پاڪستان ۾ ريسرچ ايسوسئيٽ / ريسرچ اسسٽنٽ طور ڪم ڪري رهي / رهيو آهيان. اسين ضلعي، ڪراچي، حيدرآباد ۽ مٽياري جي گهرن ۾ انهن ٻارن تي ڪم ڪري رهيا آهيون جيڪي پنهنجن ننڍن ڀيٽن ڀائرن جي سار سنڀال ڪندا آهن، اسين اهو ڏسڻ چاهيون ٿا تہ اهو رواج ڪيترو عام آهي. اسين توهان کي گذارش ڪريون ٿا تہ توهان هن مطالعي ۾ حصو وٺو ۽ ان باري ۾ توهان جي سمجھ ۽ رواج ڪهڙا آهن اهو ڄاڻڻ ۾ اسان جي مدد ڪريو.

2. **پسمنظري معلومات** :

هي تحقيقي مطالعو آغاخان يونيورسٽي اهو ڏسڻ جي لاءِ شروع ڪري رهي آهي تہ ٻارن پاران پنهنجن ننڍن ڀيٽن ڀائرن جي سار سنڀال ڪرڻ وارو رواج ڪيترو عام آهي ۽ ان جا هلندڙ رواج ڪهڙا ڪهڙا آهن . هي هڪ گڏيل ترتيبي، تحقيقي مطالعو آهي جيڪو اسان کي ٻارن جي بهتر ترقي جي لاءِ منصوبو ٺاهڻ ۽ ڪجھ مداخلت ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

3. **هن تحقيقي مطالعي جو مقصد:**

مطالعي جي هن مرحلي جو مقصد اهو ڏسڻ آهي تہ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ٻارن پاران پنهنجن ننڍن ڀيٽن ڀائرن جي سار سنڀال ڪرڻ وارو رواج ڪيترو عام آهي، ان باري ۾ هتان جي ماڻهن جي سوچ سمجھ ۽ رواج ڪهڙا آهن.

4. **طريقيڪار:**

جيڪڏهن توهان هن تحقيق ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ راضي آهيو تہ توهان کي هيٺ ڏنل ڳالهين جي لاءِ چيو ويندو:

اسان وٽ هڪ سروي سوالنامو هوندو جنهن ۾ 43-45 شيون هونديون اهو سوال نامو اسان جي تحقيقي ٽيم جي ذريعي ڀريو ويندو. توهان صرف جواب ڏيندا ۽ ٽيم توهان جي جوابن جا نشان سوالنامي تي لڳائيندي. هن سوالنامي جي ذريعي اسان ننڍن ڀيٽن ڀائرن کي سنڀاليندڙ ٻارن جي حوالي سان توهان جا رواج، ان رواج جي باري ۾ توهان